حڪومت سنڌ
آبپاشی کاتو
سنڌ ريزيليئنس منصوبي جي انتظامي ٽيم
(آبپاشي کاتو)

CREDIT NO. 5888-PK

# سنڌو درياھ جي سڄيون مٽياري (ايس ايم) بند جي ماحولياتي ۽ سماجي اثرن جي تشخيص (اِي ايس آئي اَي) جي منصوبي جو مختصر خلاصو







سنڌ ريزيليئنس پروجيڪٽ (آبپاشي کاتو)

اپريل 2018

سنڌ ريزيليئنس پروجيڪٽ
آبپاشي کاتو حڪومت سنڌ

# سنڌو درياهہ جي سڳيون مٿياري (ايس ايم) بند جي
# ماحولياتي ۽ سماجي اثرن جي تشخيص (اِي ايس آئي اَي)

## خلاصو

سنڌ حڪومت، عالمي بئنڪ جي مالي سهائتا سان، سنڌ جي آبپاشي کاتي ۽ قدرتي آفتن جي تدارڪ ڪرڻ جي بااختيار صوبائي اداري (پراونشل ڊزاسسٽر مينيجمنٽ اٿارٽي-پي ڊي ايم اي) ذريعي، سنڌ صوبي جي مختلف حصن ۾ سنڌ ريزيلنيس پروجيڪٽ (قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ جي منصوبي-ايس آرپي) جو آغاز ڪيو آهي.

ايس آرپي جي آبپاشي شعبي بابت نوس ڪمن ۾، سنڌو درياهہ جي موجوده ڪچن بندن جي ٻيهر بحالي/بهتري ۽ صوبي جي آبي ڪوٽ وارن علائقن ۾ برساتي پاڻي تي ڊيمن جي تعمير شامل آهي. ايس آر پي تي علمدرآمد جي ٻئي سال ۾، سنڌ حڪومت، سنڌو درياهہ جي سڳيون مٽياري (ايس ايم) بند جي مرمت ۽ سڌاري جو ڪم ڪندي.

### لاڳو ٿيندڙ قانون ۽ حفاظتي اپاءُ

عالمي بئنڪ جي حفاظتي اپاءُ واري پاليسي جنهن ۾ اوپي/بي پي 4.01، او پي/بي پي 4..12 ۽ اوپي/بي پي 7.50 شامل آهن، ۽ تحفظ ماحول حڪومت پاڪستان جي ايڪٽ 1997 جي قومي/صوبائي ضابطن جي بجا آوري تحت:

توقع آهي تہ امڪاني اثر فقط اڏاوت واري عرصي ۽ هڪ سال ڪان بہ گهٽ عرصي تائين هوندا. ذيلي منصوبن جا ڊگهي مدي ۾ مثبت اثر پوندا ۽ سنڌوندي جي بندن ۾ گهارا پوڻ، آبادين، زرعي زمينن، بيئنل فصلن ۽ گذرسفر جي وسيلن جي ٻڏڻ جا امڪان گهٽ ٿيندا. تنهنڪري، اي ايس آئي اي ڪي عالمي بئنڪ جي اوپي 4.01 جي مطابقت سان تشڪيل ڏنو ويو آهي.

انهي سلسلي ۾ وڌيڪ اهو تہ سنڌوندي جيڪا هڪ عالمي آبي رستو آهي، تنهن ۾/سان لڳو لڳ تجويز ڪيل ڪجھ ڪم، واٽر ويز اوپي/بي پي 7.50 مطابق سرانجام ڏنا ويندا. تنهن هوندي بہ ذميواري ڏنل ٽيم اڳواڻ نوٽيفيڪيشن ڪان ڇوٽ حاصل ڪندو. لاڳو ٿيندڙ مکيہ قانونن تي هيٺ بحث ڪيو ويو آهي.

**سنڌ جو ماحولياتي تحفظ وارو ايڪٽ (2014)**

هن ايڪٽ جو ماحولياتي دائره ڪار، هوا، پاڻي، مٽي، گوڙ يا شور سان گڏوگڏ هاجيڪار فُضلي کي نڪاڻي لڳائڻ آهي. هي ايڪٽ، حياتياتي قسمن، جانورن جي پناهگاهن، ٻوٽن جي جانورن جي تنوع، ٻيهر ورجائي نئين سر حاصل ٿي سگهندڙ وسيلن، موجود هوا جي معيار خاطر ماپا ناهڻ، ماحولياتي ٽرائيبونل جوڙڻ، ماحولياتي مئجسٽريٽ مقرر ڪرڻ، ابتدائي ماحولياتي چڪاس (آئي اِي اِي) ۽ اِي آئي اي جي منظوري لاءِ بنيادي ڍانچو فراهم ڪري ٿو. هن ايڪٽ جي پيڪڙي ڪندڙن لاءِ سزائون بہ مقرر ڪيون ويون آهن. هن ايڪٽ جي نمايان خصوصيتن جو تجويز ڪيل ذيلي منصوبن مٿان سڌو اثر پوندو، چاڪاڻ تہ منصوبي لاءِ ابتدائي ماحولياتي چڪاس (آئي اِي اِي) گهربل آهي. جيئن تہ اِي ايس ايم پي تحت ايندڙ ذيلي منصوبو مٽياري ضلعي ۾ آهي تنهنڪري اهو سنڌ جي ماحولياتي تحفظ واري اداري (سنڌ اينوائرنمنٽل پروٽيڪشن ايجنسي) جي دائره ڪار ۾ اچي ٿو جيڪا، هن منصوبي سان واسطو رکندڙ ابتدائي ماحولياتي چڪاس (آئي اِي اِي) جي منظوري سان اتفاق ڪندي

.

**زمين حاصل ڪرڻ جو قانون (لئنڊ ايڪوئيزيشن ايڪٽ 1894):**

لئنڊ ايڪوئيزيشن ايڪٽ 1894 اها مکيہ قانونسازي آهي جنهن جو سڌو تعلق پاڪستان ۾ ٻيهر آبادڪاري ۽ هرجاڻي سان آهي. لئنڊ ايڪوئيزيشن قانون تي عملدرآمد جي ضابطن جي تقاضا آهي تہ ڪنهن بہ ترقياتي منصوبي تي عملدرآمد ٿيڻ کان اڳ، زمين جو ملڪيتي حق رکندڙ / رجسٽر ٿيل زميندار يا صارف کي خانگي زمين ۽ فصلن جو معاوضو پيري ڏيڻو آهي.

**سنڌ آبپاشي ايڪٽ- 2011 ۾ ٿيل ترميمن سان:**

سنڌ آبپاشي ايڪٽ (1879) سنڌ صوبي جي آبپاشي بابت مکيہ قانونسازي آهي. هن قانون تحت، آبپاشي جو سڄو ذمو، صوبائي حڪومت، ڪئنال آفيسرن، روينيو کاتي ۽ جوڊيشل آفيسرن تي آهي.

**سنڌ جي جهنگلي حيات جي تحفظ جو آرڊيننس-سنڌ وائلڊ لائيف پروٽيڪشن آرڊيننس (2001):**

سنڌ جي جهنگلي حيات جي تحفظ جو 2010- 2001 ۾ ترميم شده آرڊيننس، تحفظ هيٺ ايندڙ علائقا تشڪيل ڏئي، انهن جي انتظام ڪاري ڪري ۽ اهي علائقا جيڪي هن قانون جي دائره ڪار ۾ اچن ٿا تن ۾ جهنگلي جانورن جي مختلف قسمن جي شڪار تي پابندي لڳائي، سنڀال، بچاءُ ۽ فطري ماحول جو تحفظ ڪري ٿو. منصوبي جون سرگرميون هن قانون مطابق هئڻ گهرجن. خاص طور تي، ايس آر پي منصوبي جون ڪي بہ سرگرميون هن قانون ۾ ٻڌايل ڪنهن بہ تحفظ هيٺ آيل علائقي اندر نہ ٿينديون. آرڊيننس ۾، تحفظ هيٺ آيل علائقن جي ٽن وسيع درجي بندين بابت ٻڌايو ويو آهي.

**سنڌ جي ٻيلن جو قانون-سنڌ فاريسٽ ايڪٽ، 1927 ( 2012):**

هي قانون صوبائي ٻيلي کاتي کي اختيار ڏئي ٿو تہ هو ٻيلن جون محفوظ قدرتي پناهگاهون ۽ سنڀال هيٺ علائقا قائم ڪري. هي قانون کاتي کي اهڙو اختيار ڏئي ٿو تہ هو ٻيلن جي پائيدار واڌ ويجهہ ۽ قدرتي تنوع جي سنڀال ڪري ۽ انهي کي بچائي. هن ايڪٽ تحت ڪوبہ ماڻهو ٻيلي ۾ باهہ نٿو ٻاري سگهي، پٽر نٿو ڪٽي سگهي، ٻيلي جي ڪابہ پيداوار اتان ڪٽي يا وڻن کي وڍي يا زمين کي اتان صاف ڪري، ٻيلي کي نقصان نٿو پهچائي سگهي. ٻيلي وارا اڪثر علائقا، ذيلي منصوبي جي بنيادي اثر نفوذ واري علائقي کان هڪ ڪلوميٽر کان وڌيڪ پري آهن. تنهن هوندي بہ، هنن علائقن ۾، ٺيڪيدار جي ڪمن ڪارين کي محدود ڪرڻ لاءِ، نقصان گهٽ ڪندڙ اپاءُ ترتيب ڏنا ويا آهن.انهي سان گڏوگڏ، تجويز ڪيل ذيلي منصوبو پوکڻ يا ڪنهن ٻئي مقصد جو ڪارڻ بہ ٿي سگهي ٿو. منصوبي جي سرگرمين تي هن قانون مطابق عملدرآمد ڪرڻو پوندو. تحفظ هيٺ آيل ٻيلن ۾ ڪي بہ سرگرميون نہ ڪيون وينديون ۽ انهن 111 وڻن مان 27 وڻن کي جيڪي بندن جي ڪڙ سان آهن تن کي بنااجازت وڍيو يا اکيڙيو نہ ويندو. تنهن هوندي بہ منصوبي مطابق هر ڪٽيل وڻ/ڪيرايل وڻ جي جاءِ تي 5 ديسي وڻ پوکيا ويندا.

ايس آر پي تحت تجويز ڪيل سرگرمين جي امڪاني نقصانڪار اثر جو تدارڪ ڪرڻ لاءِ هڪ ماحولياتي ۽ سماجي تشخيص ڪئي وئي آهي. هن تشخيص جي نتيجي ۾ ايس آر پي جي ٻئي سال تي عملدرآمد ڪرائڻ لاءِ، موجوده اِي ايس آئي اَي (ماحولياتي ۽ سماجي اثرن جي تشخيص) جوڙي وئي. هن ماحولياتي ۽ سماجي تشخيص ۾ ماحولياتي ۽ سماجي انتظامڪاري جو منصوبو (اي ايس ايم پي) شامل آهي. اضافي طور، سمورن ذيلي منصوبن لاءِ ماحولياتي ۽ سماجي انتظامڪاري جو ڍانچو ۽ ٻيهر آبادڪاري جي پاليسي جو پڻ الڳ طرح سان احاطو ڪيو ويو آهي.

**منصوبي جو بيان:**

ايس ايم بند مٽياري ضلعي ۾ آهي. ٻيهر آباد ڪرڻ واري ڪم جي مکيہ سرگرمين ۾ استعمال هيٺ علائقي تان ٻنجهوُ وڻڻ ۽ انهي کي بندن تائين پهچائڻ، موجوده بندن کي مضبوط ڪرڻ/ مٽي جون لاهيون ڪاهڻ، مٽي کي مضبوطي سان ڳنڍڻ، لهوارين تي پٿر وڇائڻ شامل آهن. ٺيڪيدار کي ڪجهہ عارضي تائين سهولتون ڪاهڻ جي ضرورت پوندي جن ۾ مسالو ڪاهڻ لاءِ ميدان ۽ مزدورن لاءِ اڏاوتي ڪيمپ شامل آهن. هتي هيٺ نقشو ڏجي ٿو جنهن ۾ ذيلي منصوبي جو هنڌ ڏيکاريو ويو آهي.

# SINDH RESILIENCE PROJECT - SRP
# SAGYOON MATIARI (S. M.) BUND




Document Path: D:\PFF\SRP\GIS\PROJECT LOCATION EMBANKMENT - SM Bund 20-04-2018.mxd

**ايس ايم بند ذيلي منصوبي جو هنڌ**

**ماحولياتي بيس لائن:** بندن سان لڳولڳ اڪثر علائقو بنجر زمين، ٻوڏ وارن پٽن، بيٺل پاڻي جنهن ۾ گاهن جا قسم مليل هوندا آهن، وڻن جي جُهندن ۽ چٻر/ٻُوڙن تي مشتمل آهي جنهن کي پوکي هيٺ آيل علائقن ذريعي روڪيو ويو آهي. وڻن جا جهُنڊ، بندن جي اندرين ۽ ٻاهرين لاهين تي موجود آهن. انهن وڻن جي اڪثريت جا معاشي استعمال آهن جهڙوڪ ڪاٺ، مال جو چارو، تعميراتي ڪم ۽ ٻيڙيون ٺاهڻ لاءِ سامان ملي ٿو. (وڻن جي) مکيہ قسمن ۾ نم، ٻٻر، بيد مُشڪ، انب، شيشم، ڪرڙ، ناريل، انجير، سرنهن، ٻير، ڄمون، ليسوڙو، کجور شامل آهن.

**آبي وسيلا:** ذيلي منصوبي واري علائقي ۾، سنڌوندي، پاڻي جي فراهمي جو مکيہ وسيلو آهي. مقامي ماڻهن طرفان پيئڻ جو پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ بندن جي ڪڙ سان ڪجھ نلڪا لڳايا ويا آهن. پاڻي جي (ٽيسٽ) جا نتيجا ظاهر ڪن ٿا تہ فاسفورس، نائٽريٽ، برقي پسرائيت، ڪيلشيم، سختي ۽ سنکيو قابل قبول حد تائين آهن ۽ ڪجھ صورتحال ۾ مٽي، نائٽريٽ، ٽي ڊي ايس، سي او ڊي، ٽي ايس ايس، ڪالي فارم، پائخانو قابل قبول حد کان مٿي آهن. انهي سطح کان مٿي وڃڻ جو ڪارڻ سنڌوندي جي ڪناري تي ڪيئي شهرن جي گهرن يا ڪارخانن جو گندو پاڻي ڇوڙ تي اچڻ آهي.

**زمين:** ذيلي منصوبن وارن علائقن ۾ مٽي جي سطح جي بناوت عام طور چيڪي مٽي واري آهي جڏهن تہ سيلي واري مٽي بہ موجود آهي. ندي جي پيٽ ۾ واري ملي ٿي. تجربي مان معلوم ٿئي ٿو تہ سموريون بنيادي خصوصيتون قابل قبول حد اندر آهن، سواءِ ايس اي آر جي جيڪا بنيادي ماپي کان وڌيڪ آهي.

**حياتياتي وسيلا:**

فيلڊ مطالعي دوران، مئمل جا 7 وڏا قسم ڏٺا ويا جن ۾ گدڙ ۽ ئور عام آهن ۽ آساني سان نظر اچي وڃن ٿا. انهي سان گڏ، 8 ننڍا مئمل، 12 ريڙهيون پائيندڙ ۽ پاڻي توڙي خشڪي تي رهندڙ جانور، پکين جا 47 قسم جن ۾ مقامي توڙي ٻاهران ايندڙ پکي شامل آهن، سي هن علائقي جي مطالعي دوران ڏٺا ويا. پکين ۾، هيڙهو پکي تمام گهڻجي ويو آهي جڏهن تہ تتر، ڪانو، هيڙهو، عام ڪَٻَر، ڪاري ڪٻر، جهرڪي، ڪانو، ڪاٺ ڪٽو، طوطو، تسلي بخش حد تائين موجود آهن. ٻٽير، اڃو تِتر، ٻُرٻُلو، ٽيٽِيهر ۽ ڳيرو هن علائقي ۾ گهڻجي رهيا آهن.

**درياهي ٻيلو:**

سنڌ جو ٻيلو کاتو، ندي سان لڳو لڳ پٽي سان، صوبي ۾ ٻہ لک ايڪيتاليهہ هزار هڪ سئو اٺانوي هم چورس ايراضي تي اختيار رکي ٿو جنهن جي درجي بندي 'درياهي ٻيلي' طور ڪيل آهي، جنهن کي مقامي طور ڪچي جا ٻيلا چيو ويندو آهي. ذيلي منصوبي واري ايس ايم بند واري علائقي ۾ ڪل ڏهن محفوظ ڪيل ٻيلن جي نشاندهي ٿي آهي. انهن ڏهن مان نون ٻيلن کي زرعي زمين ۾ بدلايو ويو آهي جڏهن تہ هڪ موجود ٻيلي ۾ وٽن جي ڇنڊي آبادي آهي. سمورا ٻيلا ذيلي منصوبي واري علائقي کان ٻاهر هڪ ڪلوميٽر ۽ چار ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهن ۽ انهن ٻيلن مان ڪو بہ ذيلي منصوبي ۾ شامل اي ايس آئي اي واري بندن جي مڪيہ اثر واري دائري ۾ نٿو اچي.

**سماجي بيس لائين**

ايس ايم بند جي ٻارهن ڳوٺن ۾ سروي ۽ مشاورت ڪئي وئي. اهي سمورا ڳوٺ (منصوبي جي) اثر واري بنيادي ۽ ثانوي دائري ۾ اچن ٿا. اهي سروي، ڊسمبر 2015 ۽ جنوري 2016 جي مهينن ۾ ڪيا ويا. جڏهن تہ منصوبي تي عملدرآمد واري علائقي ۾ سماجي بيس لائين قائم ڪرڻ لاءِ واڌو فيلڊ سروي مارچ 2018 ۾ ڪيو ويو. سروي جي نتيجن مطابق، انهن ڳوٺن ۾ گهرن جو ڪل تعداد 4210 ۽ آبادي 30130 آهي. شهري علائقن (مٽياري ۽ هالا ٽائون) ۾ ڪوبہ سروي نہ ڪيو ويو پر، 2017 جي آدمشماري مطابق، انهن شهري مرڪزن ۾ 32641 گهر ۽ انهن جي ڪل آبادي 182590 آهي. اهڙي ريت، ذيلي منصوبي واري علائقي جي ڀراڙي ۽ شهري گهرن جو تعداد 36851 آهي آهي ۽ ڪل آبادي 212720 آهي (ذريعو: سنڌ جي ضلعن جي آدمشماري 2017).

(ايس ايم بند) ذيلي منصوبي واري علائقي جي 1 ڪلوميٽر هم چورس علائقي ۾، ڇوڪرن لاءِ 10 ۽ ڇوڪرين لاءِ 4 پرائمري اسڪول آهن. ڇوڪرن لاءِ 1 مڊل اسڪول ۽ ڇوڪرين لاءِ 1 مڊل اسڪول آهي، 1 هائي اسڪول ڇوڪرن لاءِ 1 هائي اسڪول ڇوڪرين لاءِ آهي. ڇوڪرن جي سمورن اسڪولن ۾، مجموعي داخلا 1345 آهي جنهن مان 630 پرائمري ۾، 415 مڊل اسڪولن ۾ ۽ 300 هائي اسڪولن ۾ آهن. ڇوڪرين جي مجموعي داخلا، 660 آهي جنهن مان 390 پرائمري سطح تي آهن، 200 مڊل اسڪولن ۾ ۽ 300 هائي اسڪول ۾ آهن. ضلعي سطح تي 926 تعليمي ادارن( سمورن درجن وارا اسڪول) ۾ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين ٻنهي جي مجموعي داخلا ،84629 ظاهر ٿئي ٿي. انهن 926 ادارن مان، 821 چالو حالت ۾ آهن جڏهن تہ 105 بند پيل آهن.

(ذريعو: سيميس 2015-2014 سنڌ ايجوڪيشن مئنجمينٽ انفرميشن سسٽم (سيميس)

اهو معلوم ٿيو ته تمام گهڻا ماڻهو هيپاٽائٽس، مُدي جي تپ (ٽائيفائڊ) پيچش ۽ صحت صفائي سان لاڳاپيل بين بيمارين ۾ مبتلا آهن. ويم دوران ڪجهه عورتون گذاري ويندیون آهن. اڪثر عورتون غذائي کوٽ جون شڪار آهن جو ڪٽنب ۾ سيني کان آخر ۾ ماني کائينديون آهن. ذيلي منصوبي واري علائقي ۾ 3 بنيادي صحت مرڪز (بي ايچ يو) آهن: 1 ڳوٺ پاٽوٺ ۾، 1 ڳوٺ جمعي شهوڪ ۾ ۽ 1 ضلعي مٽياري جي ڳوٺ سيڪات ۾. سخت بيمار مريضن کي علاج لاءِ مٽياري يا حيدرآباد جي سول/ضلعي اسپتالن ڏانهن نيو ويندو آهي.

سماجي-معاشي بيس لائين سروي ظاهر ڪري ٿو ته ذيلي منصوبي واري علائقي ۾ عام ماڻهن لاءِ اچ وڃ جو مکيه ذريعو وين/پڪ اپ آهي. ڳوٺن بابت معلوماتي خاڪي (پروفائيل) وارن انگن اکرن مطابق، 9 ڳوٺن (75 سيڪڙو) کي وين/پڪ اپ جي سهولت آهي، 5 ڳوٺن (42 سيڪڙو) کي بس جي سهولت آهي، 5 ڳوٺن (42 سيڪڙو) ۾ ڪارون آهن ۽ 12 ڳوٺن (100 سيڪڙو) وٽ موٽر سائيڪلون آهن. ٻني لاءِ رسد ۽ زرعي پيداوار کي ٽرڪن، ٽريلرن ۽ ٽريڪٽر ٽرالين وسيلي آندو ۽ اماڻيو ويندو آهي. ذيلي منصوبي واري علائقي مان جانورن کي ٽرڪن وسيلي حيدرآباد ۽ ڪراچي ڏانهن موڪليو ويندو آهي. جلائو ڪاٺيون ۽ فرنيچر لاءِ ڪاٺ پڻ ٽرڪن ۽ ٽرالين وسيلي اماڻيو ويندو آهي.

**لاڳاپيل ڌرين سان مشاورت**

لاڳاپيل ڌرين سان ٻن مرحلن ۾ مشاورت مڪمل ڪئي وئي. پهرئين مرحلي ۾، ذيلي منصوبن وارن ڪل 12 ڳوٺن سان، نومبر 2015 واري عرصي ۾ مشاورت ڪئي وئي. انهي مشاورت دوران، بنيادي واسطيدارن کي منصوبي جي بنيادي جزن بابت معلومات فراهم ڪئي وئي، سندن خدشا ۽ رايا درج ڪيا ويا ۽ انهن کي اِي ايس آئي اي ۾ شامل ڪيو ويو. پهرئين دور ۾، انهن ڳوٺاڻن سان مشاورت ڪئي وئي جيڪي (منصوبي ) جي بنيادي اثر واري علائقي ۾ رهن ٿا. منصوبي واري علائقي ۾ مشاورت جو ٻيون دور، ڊسمبر 2015 ۽ جنوري 2016 ۾ مڪمل ڪيو ويو. سماجي-معاشي بيس لائين جا انگ اکر گڏ ڪرڻ واري ڪم جي حصي طور، منصوبي واري ۽ آسپاس جي 12 ڳوٺن اندر، گهرن جي سطح تي مشاورت ڪئي وئي. وڌيڪ اهو ته 2018 جي مارچ ۽ جولائي مهينن ۾ منصوبي جي استعمال واري زمين (سائيٽ) جو اضافي سروي ۽ عوامي مشاورت ڪئي وئي. اهو لازمي پڻ هو چاڪاڻ ته ڪم جو دائرو تمام گهڻو تبديل ٿي چڪو آهي. ابتدائي مشاورت مهل، ڪم جي دائري ڪار ۾ ايس ايم بند کي مٽي ڪرڻ ۽ اتي پٿر وڇائڻ شامل هو، جڏهن ته ذيلي منصوبي جي موجوده دائري ڪار ۾ ڳوٺن لاءِ، مختلف هنڌن تي لاهيون تعمير ڪرڻ آهي. لاڳاپيل ڌرين سان ٻي مشاورت جي نتيجي ۾ ظاهر ٿيل مکيه ڳالهيون هيٺ ڏجن ٿيون:

ڳوٺاڻن جي صلاح آهي تہ مقامي ماڻهن کي اڏاوت دوران ملازمت جا موقعا ڏنا وڃن. ڳوٺاڻا ايس ايم بند تي تجويز ڪيل ڪم جي پليڪار ڪن ٿا ۽ سندن خيال آهي تہ ڪين اچڻ وڃڻ ۾ تمام گهٽي سهولت ٿيندي. انهن وڌيڪ چيو تہ انهي سان هو، پنهنجي زرعي پيداوار وڪرو ڪرڻ لاءِ ٻني کان مارڪيٽ تائين سولائي سان پهچي ويندا.

ڳوٺاڻن ٻڌايو تہ درست قسم جون لاهيون ٺاهڻ سان سندن مال متاع جو اچڻ وڃڻ بهتر ٿيندو ۽ انهي سان بندن جي ڍانچن کي نقصان پهچڻ کان بچي سگهبو.

منصوبي تي عملدرآمد ۽ آسپاس واري علائقي ۾ عورتن سان مشاورت جا 12 پروگرام بہ ٿيا. انهن (سرگرمين) جي ڪاروائي، صنفي معاملن جي خاتون ماهرن هلائي جن کي هن منصوبي جي صلاحڪارن پرتي ڪيو هو. مزيد اهو تہ، انهن صنفي ماهرن، منصوبي تي عملدرآمد واري ۽ آسپاس جي علائقن وارن 12 ڳوٺن۾ گهرن جي سطح تي مشاورت ڪئي. منصوبي تي عملدرآمد واري ۽ پسگردائي وارن علائقن اندر مشاورت جي ٻئي دور ۾، منصوبي ۾ تجويز ڪيل سرگرمين جي تفصيل ۽ هر هڪ پهلو تي، متاثر ٿيندڙ ماڻهن کان رايا وٺڻ شامل هو.

**لاڳاپيل ڌرين سان مشاورت بعد مکيہ ظاهر ٿيل ڳالهيون هيٺ ڏجن ٿيون:**

بندن جي مرمت جي ڪين تڪڙي ضرورت آهي.

اڏاوت جي مرحلي وارين دشوارين ۾ ڳوٺاڻن جيڪي خدشا خاص طور اٿاريا تن ۾ ٻارن ۽ عورتن جو آزادي سان اچڻ وڃڻ، رات جي وقت (آرام ۾) خلل پوڻ، غير مقامي مزدورن جو ڳوٺاڻن جي رسم رواج جو ڌيان نہ ڪرڻ تان جهيڙا ٿيڻ ۽ نماز/پوجا پاٺ لاءِ وڃڻ ۾ ڏکيائي شامل هو.

اڏاوت دوران مقامي ماڻهن لاءِ ملازمت جا موقعا

منصوبي واري ۽ پسگردائي وارن علائقن ۾، صحت ۽ تعليم جي سهولتن تائين پهچڻ ۾ ڏکيايون. انهن سهولتن جي فراهم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

**ٻيهر ورسائڻ**

ڪم جي محدود دائري سبب ٻيهر ورسائڻ يا معاشي دربدري نہ ٿيندي، جهڙوڪ، ايس ايم بند ذيلي منصوبي ۾ موجود لاهين جي مرمت ڪرڻ.

## آثار قديم واري زمين

سنڌ حڪومت جي ثقافت ۽ سير سياحت واري کاتي پاران، 1993 ۽ 1996 ۾ آثار قديم بابت سروي ڪيو ويو هو. سروي جي نتيجن مطابق، منصوبي واري هنڌ ويجهو، آثار قديم جو ڪل 2 سائيٽون آهن، جن ۾ ڀٽ شاھ جي مزار ۽ هالا جا يادگار شامل آهن جيڪي منصوبي واري هنڌ کان ترتيبوار 20 ڪلوميٽر ۽ 2 ڪلوميٽر پري آهن.

## تعميراتي ڪم دوران امڪاني اثر

ذيلي منصوبي جي مرمت وارن، تجويز ڪيل مکيه انجنيئرنگ ڪم ڪمن ۾پٿر وڇائڻ ۽ سنڌوندي جي موجوده بندن/لاهين کي مضبوط ڪرڻ شامل آهي. هڪ ڀيرو مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ، ذيلي منصوبو، سنڌوندي ۾ ٻوڏ دوران بهتر بچاءُ ڪندو. امڪاني ماحولياتي ۽ سماجي نقصانڪار اثر، استعمال هيٺ علائقي جي ترقي سان منسلڪ هوندا: موجوده بندن تان گاھ ٻوٽن کي صاف ڪرڻ، بندن جي مرمت ڪرڻ لاءِ مٽي ۽ پٿر وڇائڻ، ٺيڪيدارن جي عارضي رهائش (ڪئمپ) ناهڻ، اڏاوتي مشينن ۽ گاڏين جو هڪڙي هنڌان ٻئي هنڌ وڃڻ، گاڏين رستي اڏاوتي مسالو پهچائڻ، رهائشي ڪيمپ ۽ مزدورن جي فُضلي يا گند ڪچري کي نڪاٽي لڳائڻ وغيره. تجويز ڪيل ڪمن جي امڪاني اثر ۾ استعمال هيٺ زمين تان مٽي ڪڄڻ سبب زمين جي ڪرندڙ قيمت، قدرتي گاھ ٻوٽن ۽ وڻن جو نقصان، دز ۽ گوڙ ٿيڻ، ڳوناٺن رستن ۽ روڊن تي ٽريفڪ جي گهٽائي ٿيڻ، مٽي ۽ پٿرن جي ڪرڻ سبب ۽ تعميراتي ڪئمپن ۽ مزدورن واري علائقي مان ڪني اخراج جي ڇوڙ ٿيڻ سان پاڻي جو خراب ٿيڻ ۽ اڏاوتي مزدورن توڙي عام ڳوناٺن جي تحفظ کي لاڳو خطرا شامل آهن. موجود بندن کي سهارو ڏيندڙ پٽ کان اڳتي صفائي جي ضرورت آهي تہ جيئن هن علائقي کي بند ناهڻ ۽ بندن تان ڪوٽيل مٽيريل کي نڪاٽي لڳائڻ لاءِ تيار ڪري سگهجي. ڪم واري هنڌ (سائيٽ) جي صفائي جي نتيجي ۾ 27 وڻ ڪٽيا ويندا.

## لڏپلاڻ لاءِ اپاو ۽ چڪاس جا منصوبا

موجوده اي ايس آئي اي جي حصي طور، نقصان جا اثر گهٽائڻ لاءِ مناسب اپائن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. انهن ۾ ڪوٽيل مٽي کي درست طريقي سان نڪاٽي لڳائڻ، پنڌ هلڻ وارن رستن ۽ اڏاوتي علائقن ۾ دز جي گدلاڻ کان بچڻ لاءِ/گهٽ ڪرڻ لاءِ ڇٽڪار ڪرڻ ، گاڏين ۽ مشينن ۾ سائيلنسر جو استعمال ڪرڻ ، تعميراتي مزدورن لاءِ ڪنن جي بچاو ۽ ذاتي حفاظت وارن اوزارن جو استعمال ڪرڻ، اڏاوتي ڪيمپ ۽ آفيسن ۾ حفظان صحت واريون هوديون (ٽئنڪ) فراهم ڪرڻ، اڏاوتي ڪيمپ ۾ ضايع ٿيل پاڻي جي صفائي سميت گدلاڻ کي ضابطي ۾ رکڻ وارا ٻيا اپاو وٺڻ، اڏاوتي ڪم هيٺ ايندڙ ڪڏن کي بندن کان مناسب فاصلي تي ناهڻ ۽ درست طريقي سان انهن کي ٻيهر بحال ڪرڻ، ڪيمپ /اڏاوتي هنڌ لاءِ پيداواري زمين استعمال نہ ڪرڻ ، پوکي هيٺ آيل زمين ۽ زرعي فصلن کي ڪوبہ

نقصان نه پهچائڻ، قدرتي گاهه ٻوٽن ڪي هرويرو هٽائڻ ڪان پاسو ڪرڻ، آثار قديمه يا ثقافتي طور تي اهميت رکندڙ هنڌن ڪان پاسو ڪرڻ، زهريلن موادن ڪان پاسو ڪرڻ ۽ انهن مٿان ضابطو رکڻ، زمين جي کاٽڻ واري عمل تي ضابطو رکڻ لاءِ اپاو وٺڻ، پيشيوراڻي صحت بابت بچاو ۽ حفاظتي تدبيرن جي پابندي ڪرڻ شامل آهن.

## شڪايتن جي ازالي ڪرڻ جو طريقي ڪار

منصوبي جي محرڪ (يعني آبپاشي کاتي) کي ملندڙ شڪايتن جو تدارڪ ڪرڻ لاءِ، منصوبي جي سطح تي شڪايتن جي ازالي ڪرڻ جو طريقي ڪار (جي آر ايم) پڻ تيار ڪيو ويو آهي. بندن جي ذيلي منصوبي ۾ شڪايتن جي ازالي ڪرڻ جو تجويز ڪيل سرشتو، جيڪو موجوده اي ايس آئي ۾ شامل آهي، سو بنيادي طور تي ( پر خاص طور تي نه) ذيلي منصوبي جي اڏاوتي ڪمن مان پيدا ٿيندڙ معاملن کي منهن ڏيندو، يا، وڌيڪ معقول ڳالهه ۾ انهي کي انهن سرگرمين جو نتيجي چئي سگهجي ٿو.

شڪايتن جي ازالي ڪرڻ جو طريقي ڪار (جي آر ايم) عالمي بئنڪ جي حفاظتي پاليسين جي گهرجن مطابق آهي. انهي کي ڌرين جي خدشن کي روڪڻ ۽ انهن جو تدارڪ ڪرڻ لاءِ ، خطرن کي گهٽائڻ، وڌ مان وڌ ماحولياتي ۽ سماجي فائدا حاصل ڪرڻ لاءِ منصوبي جي سهائتا ڪرڻ خاطر قائم ڪيو ويندو.

شڪايتن جي ازالي ڪرڻ جو طريقي ڪار (جي آر ايم)، هيٺ ڏنل مرحلن ۾ ڪم ڪندو:
عوامي شڪايت مرڪز (پي سي سي) جيڪو شڪايت وصول ڪرڻ، درج ڪرڻ ۽ حل ڪرڻ جو ذميوار هوندو
شڪايتن جو ازالو ڪندڙ ڪميٽي ( جي آر سي) عوامي شڪايت مرڪز جي ڪمن ڪارين تي نظر رکڻ جي ذميوار هوندي.
جيڪي شڪايتون عوامي شڪايت مرڪز ڪان حل نٿي سگهن تن کي، غير عدالتي فيصلا ساز اختياريون، يعني منصوبي جي انتظام ڪاري ٽيم يا سنڌ جي آبپاشي کاتي جو سيڪريٽري حل ڪندو.
شڪايتن لاءِ مکيه ماڻهو (جي ايف ايس)، هر ڪميونٽي مان هڪ ماڻهو کي ذيلي منصوبي جي هر سائيٽ بابت ڄاڻ ۽ معلومات ڏيندا. جي ايف ايس ڌرناٽا هئڻ گهرجن جن تائين ڪميونٽي جا ماڻهو سولائي سان پهچي سگهن. ايس آر پي جي، پي آئي ايس ايس سي جو ماحولياتي ۽ سماجي شعبو ۽ منصوبي جي مک انتظامڪار ٽيم جي ايف ايس جي تربيت ڪندي.
نقصان گهٽ ڪرڻ وارين رٿائن تي پابندي سان ۽ موثر انداز تي عملدرآمد ڪرڻ لاءِ حفاظتي اپاون جي چڪاس ڪئي ويندي. انهي تي عملدرآمد ٽن سطحن تي ٿيندو. 1. منصوبي جي انتظام ڪاري ٽيم جي سطح تي،، ماحولياتي ۽ سماجي حفاظتي اپاون جا ماهر اها خاطري ڪرڻ لاءِ ته نقصان گهٽ ڪرڻ وارين

رٿائن تي موثر انداز ۾ عمل تي رهيو آهي، چڪاس لاءِ باقاعدگي سان فيلڊ دورا ڪندا. 2. فيلڊ جي سطح تي، منصوبي تي عملدرآمد لاءِ سهائتا ۽ نگراني صلاحڪار (پي آئي ايس ايس سي) جو واسطيدار عملو حفاظتي اپاون جي بار بار چڪاس ڪندو. 3. منصوبي جي مکيه انتظام ڪاري ٽيم جو پي آئي ايس ايس سي ۽ اي ايس ايم يو، اي ايس آئي تي عملدرآمد جون ماهوار، ٽه ماهي ۽ ساليانيون رپورٽون لکندا.

**ايي ايس آئي اي تي عملدرآمد ڪرڻ جا بندوبست**

ايس آر پي منصوبي توڙي موجوده اي ايس آئي اي تي عملدرآمد جي مجموعي ذميواري، پراجيڪٽ ڊائريڪٽر جي رهنمائي تحت منصوبي تي عملدرآمد واري ٽيم (پي ايم ٽي) تي عائد ٿئي ٿي. مکيه عملدرآمد ٽيم، ميسرز ايسوسيئيٽيڊ ڪنسلٽنگ انجنيئرنگ-ايَ سِي اِي پرائيويٽ لميٽيڊ ڪراچي پاڪستان جون خدمتون بطور منصوبي تي عملدرآمد لاءِ سهائتا ۽ نگراني صلاحڪار (پي آئي ايس ايس سي) جي حاصل ڪيون آهن. منصوبي تي عملدرآمد لاءِ سهائتا ۽ نگراني صلاحڪار (پي آئي ايس ايس سي) وٽ اي ايس آئي اي تي عملدرآمد جي چڪاس ۽ نگراني ڪرڻ لاءِ ماحولياتي ۽ سماجي ماهر موجود آهن. آخر ۾، تعميراتي ڪم جي ٺيڪيدار وٽ، نقصان گهٽ ڪرڻ وارن اپاون تي عملدرآمد ڪرڻ ۽ اي ايس آئي ۾ ٻڌايل ٻين گهرجن بابت ماحولياتي ۽ سماجي چڪاس ڪندڙ/آفيسر هوندا. انهي مقصد لاءِ تعميراتي معاهدي ۾ مناسب شقون شامل ڪيون وينديون. نقصان کي گهٽ ڪرڻ وارن اپائن لاءِ بجيٽ ۾ خرچ جو تخمينو 3473140 روپيا رکيو ويو آهي.